بسمه تعالیٰ

سنڌي ڪارجا ٻول

پاڻ سڳورن صلي الله عليه وآله وسلم جن جو فرمان آهي تہ: "افضل العبادة انتظار الفرج" يعني خوشحاليءَ ، انصاف ۽ عدالت جي دؤر جو انتظار بهترين عبادت آهي، افسوس تہ سنڌي زبان ۾ اسلامي ڪتاب تمام گهٽ آهن ۽ انهن مان دعائن جا ڪتاب تہ ڇڙ اڻ لڀ آهن ۽ خاص طور اهڙا ڪتاب جن جو تعلق امام مهدي عليه السلام سان هجي.

انساني معاشري لاءِ ضروري آهي تہ پنهنجي زماني جي امام جي معرفت حاصل ڪري، يعني هن دؤرجي امام جي معرفت ضروري آهي. سنڌن باري ۾ اسان تي ٻہ اهم ذميواريون آهن : 1سنڌن معرفت حاصل ڪرڻ، 2سنڌن غيبت جي دؤر ۾ پنهنجي ذميوارين کي سجاڻڻ ۽ انهن تي عمل ڪندي انتظار ڪرڻ، تہ جيئن اسانجو انتظار مذڪور فرمان مطابق بهترين عبادت ۾ شامل ٿي.ذميوارين کي ڄاڻڻ جي وسيلن مان هڪ وسيلو امام جي باري ۾ لکيل دعا ۽ زيارت وغيره جا ڪتاب آهن، ۽ انهن مان هڪ ڪتاب "صحيفہ مهديہ منتخبہ" آهي، جنهن جوسنڌي زبان ۾ ترجمو پنهنجي امام جي معرفت ۽ ساڻن رابطي لاءِ هڪ انمول تحفو آهي، ترجمي جي نظر ثاني تي حجة الاسلام مولانا شيخ عبد الله روحاني صاحب جي سهڪار جو دل جي گهرائن سان شڪرگذار آهيان!

سنڌيڪار:

عابد علي حجتي نجفي،

15 جمادي الثاني 1426هـ

بسم الله الرحمن الرحيم

مهاڳ

خدائي راز

بيشڪ اسان جا امام عليهم السلام هڪ اهڙي سياسي فضا ۾ هئا جنهن کي حق خلافت غصب ڪندڙن وجود ۾ آندو تہ جيئن علوي عادل حڪومت نہ ٿهي سگهي ۽ ڪين اموي ۽ عباسي سرڪش حڪمرانن ڪري خدا جا راز بيان ڪرڻ جو موقعو نہ ملي سگهيو، اهو ئي سبب آهي جو پهرين امام - جنهنجو حق ڪسيو ويو ۔ حقيقي خلافت جي امير علي ابن ابي طالب عليه السلام جن فرمايو:" رسول خدا صلي الله عليه وآله وسلم جو هڪ اهڙو راز هو جنهن کي ٿورا ئي ماڻهو ڄاڻندا هئا.....، جيڪڏهن هن امت جا سرڪش ماڻهو نہ هجن ها تہ آءٌ ان راز کي پڌرو ڪريان ها"جنهن جي نتيجي ۾ انهن رازن کي هر ماڻهو آڏو بيان نہ فرمايائون، ۽ امت مان فقط انهن ٿورڙن ماڻهن آڏو بيان فرمايائون جيڪي مدبر، بردبار ۽ فضيلت مآب هئا، ۽ معصومين انهن اهم رازن ۽ اسرارن کي وائکو ڪري نہ سگهيا ڇا ڪاڻ تہ غاصب

حڪومت ماتحت زندگي گذارڻ سبب ماڻهن ۾ اهڙن رازن کي سهڻ جي سگهه ڪونہ هئي ۽ اها حڪومت امام مهدي عليه السلام جي الهي حڪومت تائين هلندي رهندي، ان جو دليل حضرت امام جعفرصادق عليه السلام جو هي قول آهي:"وَاللَيلِ اَذَا يَسر[1]" رات جو قسم جڏهن اها گذري ٿي"ان مان مراد غاصب حڪومت آهي جيڪا قائم جي قيام تائين هلندي رهندي[2]." ان ڪري امامن عليهم السلام انهن مان ڪجهه رازن ۽ حقيقتن کي دعا ئن ۽ مناجات جي عنوان تحت آندو، تنهن ڪري انهن کي ڪائن نقل ٿيل دعائن ۽ مناجات ۾ ڳولهڻ گهرجي، ۽ اهل بيت عليهم السلام جون دعائون ۽ زيارتون سندن زماني جي سياسي ان فضا جي باوجود انهن رازن کي بيان ڪرڻ ۾ محدود نہ هيون بلڪ سندن دعائن، مناجات ۽ زيارتن ۾ عقيدي ۽ معرفت جا اهم مسئلا پڻ بيان ٿيل آهن، اهاحقيقت انهن دعائن ۽ مناجات وغيره ڏانهن رجوع ڪرڻ سان معلوم ٿئي ٿي، امامن انهن ۾ رازن ۽ عقيدن کي بيان ڪرڻ کان علاوه ڪيترائي اهڙا مسئلا بيان فرمايا آهن جن جو

---

[1] فجر 4

[2] بحار الانوار ج24ص78

انسان جي زندگي ۾ هڪ اهم اثر آهي، ۽ انساني معاشري کي زندگيءَ جا بهترين اصول سيکاريا اٿن ، ان ڏس ۾ "صحيفہ کاملہ سجاديہ"(جي دعائن) ۾ غور ڪرڻ گهرجي، جنهن جي صحيح هئڻ جي تائيد امام زمانہعليه السلام فرمائي آهي، ڏسو تہ حضرت امام زين العابدين عليه السلام پنهنجي دعائن ۽ مناجاتن ۾ ڪيتريون حقيقتون بيان فرمايون آهن، امام سجاد (ع)۽ تمام اهل بيت عليهم السلام جي دعائن ۾ غورڪرن سان اهاحقيقت پڌري ٿئي ٿي.

هاڻ اسين زندگيءَ جي سکاريل اصولن مان هڪ مثال ذڪر ڪريون ٿا:"صحيفہ سجاديہ" جي مناجات ۾ هڪ مقام تي الله تعالي کان دعا گهرون ٿا:"اَسئَلُکَ مِنَ الهِمَمِ اَعلاَهَا"[1] مان توکان بلندترين همت جو سوال ٿو ڪريان، امام سجادعليه السلام جو هي ڪلام هر دعا گهرندڙ لاءِ تنبيہ آهي، يعني دعا گهرندڙ ڪير بہ هجي خواه پنهنجي ذات کي ڪيتروبہ پست شمار ڪري ان لاءِ ضروري آهي تہ الله کان بلند ترين همت جي گهر ڪري تاڪہ پنهنجي زندگيءَ ۾ عظيم تبديلي آڻي سگهي ۽ ان جو وجود معاشري ۾

---

[1] بحارالانوار94 /155

هڪ بنيادي اثر رکندو هجي. جيڪڏهن انسان جي دل تي امام عليه السلام جي نور جا ڪرڻا پوندا هجن تہ هيءَ حقيقت واقع ٿي سگهي ٿي.

امامن عليهم السلام جون دعائون وغيره ولايت جو طور سيناء جبل آهن، پوءِ جيڪو ان وادي ڏانهن وڃڻ چاهي ٿو ۽ هدايت جي طور سيناء تي چڙهڻ چاهي ٿو تہ اهو (گناهن جي) جتي لاهي ۽ پنهنجي لباس کي انهن کان پاڪ ڪري ۽ دعا ۽ ان جي قبول ٿيڻ جا آداب سکي تہ جيئن الله جي عنايت ۽ دعا جي قبول هئڻ جو نظارو ڪري.

هي مطلب اسان کي ڪتاب ۽ سنت مان حاصل ٿيو آهي، تنهن ڪري ان کي اختيار ڪر ۽ فائدو حاصل ڪر ۽ الله تعالي جي رحمت کان ناميد نہ ٿي "الله جي رحمت کان ڪافر ئي نا اميد هوندا آهن[1]" تنهن ڪري الله جي نور تي يقين ڪر تہ جيئن نور کي ڏسين ۽ راز کي ڄاڻي سگهين، ڇاڪاڻ جو امامن عليهم السلام پنهنجي دعائن ۽ مناجات وسيلي ماڻهن کي انهن رازن ۽ حقيقتن جي رهنمائي فرمائي آهي.

هميشہ دعا پڙهڻ جو اثر

دعا جي قبوليت ۽ گهربل مراد کي حاصل ڪرڻ لاءِ هميشہ دعا پڙهڻ جو هڪ اهم اثر ٿئي ٿو، هيءُ هڪ اهم نڪتو آهي جنهن ڏانهن توجہ

---

[1] سورت يوسف 87

هر هڪ دعا جي طلبگار لاءِ ضروري آهي، ڇاڪاڻ جو اڪثر ماڻهو هڪ دفعو دعا، ذڪر يا زيارت پڙهڻ سان پنهنجي مقصد کي حاصل نه ڪري سگهندا آهن، مثلا ڪجهه بيماريون اهڙيون آهن جن جو علاج هڪ ئي نسخي سان ڪري سگهجي ٿو، جيئن ڪوبه تازو مرض، پر جيڪڏهن مرض پراڻو هجي تہ ان جي علاج لاءِ ڪيئي دفعا دوائون استعمال ڪرڻ جي ضرورت هوندي آهي ۽ نفساني بيمارين جو به اهڙوئي حال آهي ، تنهن ڪري جيڪو سخت بيماريءَ ۾ ورتل آهي يا سخت تہ نہ آهي پر اها اندر ۾ ڪافي عرصي کان سمايل آهي، اهڙي بيماري هڪ دفعو دعا پڙهڻ سان ختم نہ ٿيندي بلڪ بار بار پڙهڻ ضروري آهي تہ جيئن بيماريءَ مان چوٽڪاروحاصل ٿئي، جيئن جسماني بيمارين جو حال آهي ، ان ڪري دوا جي اثر ظاهر ٿيڻ لاءِ جهڙي طرح جسماني بيمارين لاءِ جيتي علاج جون محتاج آهن اهڙيءَ طرح اهي ڪم جيڪي دعا جي دائري ۾ اچن ٿا تن لاءِ بار بار دعا پڙهڻ ضروري آهي تہ جيئن اسان دعا جي قبوليت جو اثر ڏسون، ممڪن آهي ڪجهه ماڻهو هڪ ئي دفعي دعا پڙهڻ سان يا الله تعالىٰ جي نالن مان ڪنهن به هڪ نالي جي ذڪر سان پنهنجي مقصد کي حاصل ڪن، پر اهڙن ماڻهن جو مثال انساني معاشري ۾ گهٽ آهي، انڪري سڀني ماڻهن لاءِ هڪ ئي دفعو دعا

پڑهڻ سان دعا جي قبول هڻڻ جي اميد رکڻ صحيح نہ آهي، اهوئي سبب آهي جو ڪيترين ئي روايتن ۾ دعا کي لاڳيتو پڑهڻ جي تاڪيد ڪئي وئي آهي.

صاحب عصر(عج) لاءِ دعا جو حڪم

غيبت جي دؤر ۾ ضروري آهي تہ اسان پنهنجي مولا جهانن ۾ خدا جي آخري حجت جي ظهور لاءِ دعا گهرون، ڇاڪاڻ جو امام عليه السلام اسان جو ۽ اسان جي دور جو حاڪم آهي بلڪ خلافت جو مالڪ ۽ تمام جهانن جوحاڪم آهي، انهن کان بي خبري اسان لاءِ ڪيئن ممڪن آهي؟ جڏهن تہ هو اسان جو امام آهي ۽ امام عليه السلام کان غفلت اصول دين مان امامت کان غفلت آهي، تنهن ڪري پنهنجي لاءِ ۽ پنهنجي گهر بار ۽ پائرن لاءِ دعا گهرڻ کان اڳ امام لاءِ دعا گهرڻ ضروري آهي.

سيد علي ابن طائوس ڪتاب"جمال الاسبوع" ۾ ذڪر ڪيو آهي تہ: اسان رات، ڏينهن جي عملن جي ضمن ۾ ذڪر ڪري چڪا آهيون تہ گذريل زماني ۾ بزرگ علماء امام مهدي عليه السلام لاءِ دعا جو اهتمام ڪندا هئا، جنهن مان معلوم ٿئي ٿو تہ امام عليه السلام لاءِ دعا اهل اسلام ۽ اهل ايمان جي اهم ڪمن مان هئي، جيئن تہ مذڪوره عملن مان نماز ظهر جي تعقيبات ۾حضرت امام جعفر صادق عليه السلام کان امام لاءِ دعا نقل

ڪئي آهي جنهن ۾ پاڻ امام مهدي عليه السلام لاءِ پنهنجي ذات کان وڌيڪ دعا گهريائون، ۽ پڻ اسان انهن عملن جي ضمن ۾ نماز عصر جي تعقيبات ۾ اسان امام مهدي عليه السلام لاءِ امام موسىٰ ڪاظم عليه السلام جي دعا جو هڪ بهترين باب ذڪر ڪيو آهي ، واضح آهي ته جيڪو به انهن ٻن هستين جي عظمت کي ڄاڻي ٿو ان لاءِ سندن پيروي کان ڪنڌ ڪيرائڻ جو ڪو به بهانو باقي ڪونہ ٿو بچي [1]

سيد ابن طائوس مؤمن پائڻن لاءِ دعا جا فضائل ذڪر ڪرڻ کان پوءِ فرمايو آهي:جڏهن ايتري فضيلت مؤمن پائڻن لاءِ دعا گهرڻ جي آهي ته تنهجي ان حاڪم لاءِ دعا گهرڻ جي فضيلت ڪيتري هوندي جيڪو تنهنجي وجود جو سبب آهي، ۽ تنهنجو عقيدو آهي ته جيڪڏهن سندن مبارڪ وجود نہ هجي ها ته خدا توکي ۽ تمام انسانن کي پيدا نہ ڪري ها ۽ الله جو جيڪو لطف و ڪرم تو تي ۽ هرانسان تي آهي ۽ هر پلائي جيڪا توهان حاصل ڪيو ٿا اهو آنحضرت جي وجود سبب آهي، پوءِ جيترو ٿي سگهي محبت ۽ دعا ۾ پاڻ کي يا ڪنهن به انسان کي آنحضرت تي ترجيح ڏيڻ کان پاڻ بچاءِ ۽ ان عظيم الشان مولا لاءِ دعا ۾ پنهنجي دل ۽ زبان کي تيار رک ۽

---

[1] جمال الاسبوع ص307

خبردار جو اهو عقيدو رکين ٿا جيڪي ڪجھ مان توکي چيو امام دعا ۾ ان جو محتاج آهي، ان کان پري رهه! جيڪڏهن تو اهو عقيدو رکيو ٿا تون پنهنجي عقيدي ۽ محبت ۾ مريض آهين، بلڪ مون اهو عرض فقط ان ڪري ڪيو ٿا توکي ٻڌايان ٿا تو تي سندن وڏو حق آهي ۽ وڏو ثورو آهي، ٻيو ان ڪري جڏهن تون پاڻ ۽ ٻين کان اڳ امام لاءِ دعا گهرندين ٿا الله تعالىٰ عنقريب تنهنجي لاءِ دعا جي قبوليت جا دروازا کولي ڇڏيندو، انڪري جو ايٻانها تو پاڻ گناهن جي ڪڙي سان دعا جي قبوليت جا دروازا بند ڪيا آهن، پوءِ جڏهن تون هن خاص مولا لاءِ جيارڻ ۽ مارڻ جي مالڪ آڏو دعا گهرندين ٿا عنقريب الله آنحضرت جي ڪري قبوليت جا دروازا کوليندو، پوءِ تون پهنجي ذات ۽ انهي لاءِ دعا گهرڻ شروع ڪر جن لاءِ دعا گهرين ٿو! ٿا جيئن خدا جي فضل جي دائري ۾ اچين ۽ الله تعالىٰ جي رحمت ۽ سندس ڪرم ۽ عنايت تو لاءِ پکڙجي وڃي، ان ڪري جو تون سندس رسيءَ سان تعلق رکندي دعا گهري آهي ۽ ائين نٿو ٿا توهان جي بزرگن منجهان فلان فلان کي جن جي پيروي ڪئي وڃي ٿي مون ڏٺو آهي ٿا اهي توهانجي قول مطابق عمل نٿا ڪن ڇوتا مون انهن کي پهنجي ان مولا کان غافل ۽ غير متوجه ڏٺو آهي جنهن ڏانهن توهان اشارو ڪيو آهي ؟ اهڙي صورت ۾ آءٌ توهان کي جواب ڏيان ٿو: اهو هي ٿا جيڪي آءٌ توهان کي عرض ڪريان ٿو توهان انهي تي عمل ڪريو چاڪاڻ

تہ اهو واضح حق آهي ۽ جيڪو مولا کان سستي ڪري ۽ غافل رهي تہ خدا جو قسم!:اهو خوار ڪندڙ غلطيءَ تي آهي،آءٌ عرض ٿو ڪريان امامن عليهم السلام کان هن معاملي جي باري ۾ حڪم جي باري ۾ تنهنجو ڇا خيال آهي ؟ ڇا ائين حڪم آهي جيئن توهان هن با شرف مقام ۾سستي ڪريو ٿا ؟ جيڪا سستي توهان و ٽ آهي هنن وٽ بہ ائين ئي آهي ؟ ان جي لاءِ دعاگهرڻ کان نہ رڪجو جنهن لاءِ فرض ۾دعا گهرڻ جائز آهي آءٌ عرض ڪريان: اهڙي صورت حال ۾امام عليه السلام لاءِ دعا جو بندوبست نہ ڪرڻ ۾توهان لاءِ ڪو بہ بهانو ۽ عذر نہ آهي [1].

ڪتاب "مڪيال المڪارم" جي مؤلف پهنجي ڪتاب ۾ بيان فرمايو آهي تہ آيتون ۽ روايتون دلالت ڪن ٿيون تہ دعا عبادت جي عظيم ترين قسمن منجهان آهي . بي شڪ دعا جي قسمن منجهان عظيم ترين دعا ان ذات لاءِ آهي جنهن جو حق ۽ جنهن لاءِ دعا گهرڻ الله تعالىٰ سڀني انسانن تي فرض فرمايو آهي ۽ جنهن جي وجود جي برڪت سان سمو ري مخلوق تي الله جي نعمتن جو فيض جاري آهي جيئن تہ ان ڳالهہ ۾ ڪنهن بہ قسم جو شڪ نہ آهي تہ "اشتغال بالله " مان مراد الله جي عبادت ۾ مصروف رهڻ آهي ،لهذا هي عبادت جو اهو قسم آهي جنهن کي لا ڳيتو انجام ڏيڻ سان عبادت ۾ بہ الله جي

---

[1] فلاح السائل ص 44

تائيد جو سبب بڌجي ٿو. ۽ خدا ان صاحب عمل کي پهنجي اولياء مان قرار ڏئي ٿو. نتيجو اهو ٿيو ته پابنديءَ سان اسانجي مولا حجت خدا (عج) جي لاءِ دُعا گهرڻ ۽ خوشحالي، سندس جلدي ظهور ۽ غم جي دور ٿيڻ ۽ خوشي حاصل ڪرڻ لاءِ الله تعالي کان سوال گهرڻ ان عظيم فائدي جي حاصل ٿيڻ جو سبب آهي. ۽ اها ڳالهه واضح آهي تنهن ڪري تمام اهل ايمان تي لازم آهي ته حجت خدا لاءِ هر مڪان ۽ زماني ۾ دعا جوا هتمام ڪن ۽ ان تي پابند رهن.

اسان جيڪي ڪجهه ذڪر ڪيو آهي، ان سان اهو مطلب مناسبت رکي ٿو ۽ تائيد ڪري ٿو جنهن کي ايماني برادر عزيز آقا ميرزا محمدباقر اصفهاني جن بيان ڪيو آهي ته مونکي هنن راتين مان هڪ رات خواب ۾ يا ننڊ جي ڪيفن ۾ امين جي امام ۽ تمام انسانن جي مولا چوڏهين جي چنڊ جيڪو آسمان ۽ زمين ۾ الله جي حجت آهي .حضرت امام حسن مجتبیٰ عليه السلام جن جو ديدار نصيب ٿيو پاڻ هي فرمايائون: " ممبرن تان ماڻهن کي چئو ۽ حڪم ڏي ته اهي توبه ڪن ۽ حجت خدا جي جلدي ظهور لاءِ ۽ سندس خوشحال زماني لاءِ دعا گهرن! اها دعا نماز ميت جيان واجب ڪفائي نه آهي، جو ڪجهه ماڻهن جي انجام ڏيڻ سان باقي سيني ماڻهن تي واجب نه رهي . بلڪ اها دعا گهرڻ پنجگانه نماز جيان آهي ۽ هر مڪلف

،(2 مڪلف : هراهو بالغ عاقل انسان جنهن تي شرعي حڪم لاڳو ٿئي) ڪي بذات خود انجام ڏيڻ ضروري آهي " امام عليه السلام جي آخري بيان تائين جيڪو فرمايائون –ع هرحال ۾ الله کان مدد گهرجي ٿي[1]، مذڪوره بيانن منجهان روشن ٿيو ته منتظَر (منتظر"ظ" تي زبر سان اها ذات جنهن جو انتظار ڪجي مراد امام مهدي عليه السلام آهي) امام (عج) جي ظهور لاءِ دعا گهرڻ لازمي آهي .

دنيا جوسپ کان وڏو مظلوم

افسوس سان چوڻو ٿو پوي ته اڪثر ديني محفلن ۾ماڻهو مولیٰ صاحب زمان عليه السلام جي ظهور جي تعجيل لاءِ دعا گهرڻ کان غافل آهن، جيڪڏهن اسان کي جاڻ ٿي وڃي ته اسانجي آنحضرت کان ڪيتري غفلت آهي ته اسان کي چگي نموني سان خبر پئجي ويندي ته امام عليه السلام ڪيڏو نه مظلوم آهي.

هاڻ اسين اهي بہ تي قصا بيان ڪريون ٿا جيڪي امام عليه السلام جي مظلوميت تي شاهد آهن:

---

[1] مڪيال المڪارم ج1ص438

1- قصو اسماعيل شرفي

حجة الاسلام سيد اسماعيل شرفي بيان ڪيو آهي تہ: آءُ زيارتن جي سفر دؤران امام حسين عليه السلام جي روضي پاڪ ۾ زيارت ۾ مصروف هئس، جڏهن تہ امام حسين عليه السلام جي روضي پاڪ ۾ هر زائر جي دعا پڪ سان قبول ٿيندي آهي، سيراندي ۽ ڪان ييهي دعا ٿي گهريم تہ مولا صاحب الزمان عليه السلام جو ديدار نصيب ٿئي آءُ زيارت ۾ مصروف ئي هئس تہ اوچتو ڏٺم تہ هڪ خوبصورت شخص آهي، جنهن جو چهرو سج جيان روشن آهي ۽ ان وقت توڙي جو مون انکي نہ سڃاتو پر منهنجي دل ان ڏانهن ڏاڍي ڇڪجي وئي ۽ مون ڪيس سلام ڪيو ۽ پڇيو تہ توهان ڪير آهيو؟ جواب ۾ فرمايائون: "آءُ دنيا جو سپاهي ڪان وڏو مظلوم آهيان" پر آءُ سندس ڪلام جو مطلب نہ سمجهي سگهيس ۽ دل ۾ سوچيم تہ شايد سائين جن نجف اشرف جي بزرگن عالمن منجهان آهن ۽ انهن ڏانهن ڪنهنجي بہ توجہ نہ آهي تنهن ڪري هو سمجهن ٿا تہ دنياجا جوسپ ڪان وڏا مظلوم آهن، پوءِ هو منهنجي نظرن ڪان غائب ٿي ويا، ان وقت مون سمجهيو تہ يقيناً الله منهنجي دعا قبول فرمائي آهي، ۽ اهو شخص منهنجو مولا صاحب الزمان عليه السلام هئا جن جي ديدارجي سعادت مون ڪان جلدي ختم ٿي وئي.

2 قصو سيد احمد موسوي

حجة الاسلام سيد احمد موسوي-جيڪو امام زمانہ عليہ السلام سان ملاقات جو شوق رکندڙ هيو- نقل ڪيوآهي تہ حجة الاسلام عالم رباني شيخ جوادیؒ جي- شهود يا عالم ڪشف ۾- امام منتظر عليہ السلام سان ملاقات ٿي ان امام عليہ السلام کي انتهائي ڏکياري حالت ۾ ڏٺو،ان ڪري شيخ سندن حال جي باري ۾ پڇيو تہ:امام (مٿائن اسانجا روح گهور ٿين) شيخ صاحب کي جواب ۾ فرمايو:"دل رت ٿي روئي،دل رت ٿي روئي "اهو جملو آنحضرت عليہ السلام جي انتهائي ڏک ڏانهن اشارو آهي.

3 قم جي عالم کي خطاب

امام حسين عليہ السلام قم مقدس جي هڪ عالم کي عالم ڪشف ۾ فرمايو:"تہ اسان جو مهدي عليہ السلام سندس دور ۾ مظلوم آهي،پنهنجي وس آهر جيترو ٿي سگهيوَ مهدي عليہ السلام جي شان ۾ لکو ۽ بيان ڪيو!چو تہ هن معصوم جي شخصيت جي باري ۾ گفتگو ڪرڻ تمام معصومين عليهم السلام جي باري ۾ گفتگو ڪرڻ آهي،جاڪاڻ تہ سيئي عصمت، ولايت ۽ امامت ۾ برابرآهن، پرجيئن تہ مهدي عليہ السلام جي امامت جو دور آهي .تنهن ڪري سندس شخصيت جي باري ۾ گفتگو ڪرڻ مناسب آهي."۽ آخر ۾ فرمايائون:"ٻيهر تاڪيد ٿوڪريان تہ مهدي عليہ السلام

جي باري ۾ گھٽي کان گھٽو لکو ۽ بيان ڪريو، يقيناً مهدي عليه السلام مظلوم آهي، تنهن ڪري لازمي آهي پهريان گذريل دؤر ۾ جيڪي ڪجهه لکيو ۽ بيان ڪيو ويو آهي ان کان وڌيڪ بيان ڪيو ۽ لکيو وڃي"[1].

دعا جو مقصد

جڏهن واضح ٿي ويو ته صاحب زمان لاءِ دعا گهرڻ لازمي آهي ته پوءِ دعائن جومقصد مقام ۽ مرتبوحاصل ڪرڻ نه هڻڻ گهرجي بلڪ الله جي رضا ۽ سندس ۽ منتظر امام تائين ويجهڙائي حاصل ڪرڻ لاءِ دعاگهرون! ان جي وضاحت لاءِ هيٺ بيان ڪيل قصي ۾ غور ڪرڻ گهرجي:

سيد شرفي بيان ڪيو آهي ته:اسان تبليغ جي ڏينهن ۾ مختلف شهرن ڏانهن سفر ڪندا هئاسين، هڪ دفعو ماه مبارڪ رمضان ۾ پنهنجي هڪ دوست سان گڏ الحاج رجب علي درزيءَ جي خدمت ۾ پهچڻ جو شرف حاصل ٿيو ۽ اسان ان کان خواهش ڪئي ته اسان کي ڪا نصيحت ڪري ۽ ڪجهه سيکاري پوءِ هن اسان کي آيت شريف: "وَمَن يَتَّقِ اللّٰهَ" جي ختم جو طريقو سيکاريو[2]. اهو هيءُ ته پهريان صدقو ڪيو ۽ 40 ڏينهن روزو رکو ۽ روزي

---

[1] بوستان ولايت ج2ص18

[2] جيڪو ان ذڪر ڪيو آهي اهو رسول خدا صلي الله عليه وآله کان نقل ڪيل آهي جنهن کي آية الله شيخ علي اڪبر نهاوندي پنهنجي ڪتاب گلذار اڪبر ۾نقل ڪيوآهي

جي حالت ۾ (40 ڏيهن اندر) ختم ڪيو ۽ سندس اهم بيان هي هيو ته ضروري آهي ته هن عمل جومقصد انين امام علي رضا عليه السلام جي ويجهڑائي حاصل ڪرڻ هجي، نه مادي شين کي حاصل ڪرڻ! سيد شرفي چيو مون عمل شروع ڪيو ۽ پورو نه ڪري سگهيس ۽ ڇڏي ڏنم پرمنهنجي دوست عمل پورو ڪيو ۽ مشهد مقدس وڃي حرم مطهر ۾شرفياب ٿيو ۽ امام رضا جي زيارت ڪئي، زيارت ۾ امام رضا عليه السلام جو نوراني ديدار ڪيو ۽ امام رضا عليه السلام جو ديدار ڪرڻ سان گڏ امام سان گالهائڻ نصيب ٿيس.

هن قصي کي نقل ڪرڻ مان اسان جومقصد ان اهم نڪتي کي بيان ڪرڻ آهي جنهن جوخيال رکڻ دعائن پڙهڻ ۾ ۽ وسيلو قرار ڏيڻ ۾ ضروري آهي، اهو نڪتو هيءُ آهي ته هر ماڻهوءَ لاءِ ضروري آهي ته نمازن دعائن ۽ وسيلن ۾خالص نيت سان گڏو گڏ انهن عملن کي انجام ڏيڻ مان انجي غرض الله تائين ويجهڑائي حاصل ڪرڻ هجي نتيجي ۾ رسول خدا ۽ اهلبيت رسول جي نزديڪ ويجهڙو ٿئي ٿو مطلب هي ته ٻانهپ جي نيت سان عمل انجام ڏئي مقام مرتبو حاصل ڪرڻ لاءِ نه.

هڪ مشهور عامل جنهن جون دعائون مشڪلاتن ۾ اثرائتيون هيون، هڪ ماڻهوءَ کي چيو -جنهن جي باري ۾ عقيدو هيس ته هو صاحب

بصيرت آهي- توهان جي نظر ۾ الله وٽ منهنجو شان ۽ مرتبو چا ٿي سگهي ٿو؟ ان ماڻهوءَ ان عامل کي غور ۽ فڪر کان پوءِ جواب ڏنو: بيشڪ تون گهڻي قدر الله جي ڪمن ۾ مداخلت ڪئي آهي. هڪ دعا گهرڻ واري جي لاءِ ضروري آهي ته هو دعائن مان غلط فائدو حاصل نه ڪري بلڪ الله جي ٻانهن لاءِ دعا گهري نه ان جي ڪمن ۾ دخل اندازيءَ لاءِ ۽ نه ئي ماڻهن کي پاڻ ڏانهن متوجه ڪرڻ لاءِ.

مرحوم شيخ حسن علي اصفهاني کان نقل ڪيو ويو آهي ان چيو ته آءٌ ان ڳالهه تي قادر آهيان ته هڪ عمل ڪريان جيڪو ماڻهن جي مشڪلن کي حل ڪري صرف اڇي منهنجو در ڪڙڪائن توڙي جو مونکي پنهنجي حاجت نه ٻڌائن. پر جيئن ته هيءُ عمل ماڻهن جي عقيدن جي ڪمزوريءَ جو سبب بڻبو، تنهن ڪري آءٌ اهڙو عمل نه ٿو ڪريان.

شيخ حسن علي اصفهاني جو تجربو

جيئن ته اسان حسن علي اصفهاني جو ذڪر ڪيو آهي ان ڪري مناسب آهي ته ان جو هڪ قصو ذڪر ڪريون:

شيخ اصفهاني نندپڻ کان ئي عبادت گذار ۽ رياضت گذار هو هن معنوي مرتبو حاصل ڪرڻ لاءِ ڪيترين ئي تڪليفون برداشت ڪيون ۽ هر ورد ۽ ختم کي لکيو ۽ اهڙي طرح پوري عمر نماز ۽ قرآن جي تلاوت ۾ مصروف

رهيو ۽ جيڪي ڪجهه هن لکيو جيئن تہ اهو اهم رازن ۽ نڪتن تي ٻڌل هو، ان ڪري هن ان کي ماڻهن جي هٿن ۾ نہ ڏنو ۽ انکي لکايو. منهنجي والد مرحوم مونکي شيخ جي ان لکت جي باري ۾ ٻڌايو آهي ته. شيخ اصفهاني پنهنجي آخري عمر ۾ اهو ڪتاب آيت الله مرحوم سيد علي رضوي کي عطا ڪيو.[1] هن قصي کي نقل ڪرڻ مان اسان جو مقصد اهو اهم نڪتو بيان ڪرڻ آهي جنهن کي شيخ اصفهاني پنهنجي جي ڪتاب جي آخر ۾ ذڪر ڪيو آهي، ان نڪتي مان فائدو حاصل ڪرڻ هر ان ماڻهوءَ لاءِ مناسب آهي جيڪو معنوي طريقي تي هلڻ چاهي ٿو ۽ سير وسلوڪ جي پٽيان آهي.

ان جو ذڪر ڪيل مطلب هي آهي تہ:" معنوي مرتبو حاصل ڪرڻ لاءِ جيڪي مون ذڪر، ورد ۽ ختم پڙهڻ جو عمل ڪيو ڪاش اهو مولا صاحب زمان تائين ويجهڙائيءَ لاءِ هجي ها!"

ان خدائي مرد جي قول ۾ غور ڪريو جيڪو عام وخاص وٽ مشهور آهي ۽ سندس عمر جي آخر ۾ افسوس جي اظهار ۾ تہ هن پنهنجي حياتيءَ جي آخر ۾ تمنا ڪئي تہ " جيڪر تہ اهو عمل امام صاحب زمان ڏانهن ويجهڙائي لاءِ هجي ها"شيخ حسن علي اصفها ني جي روحاني قدرو منزلت

---

[1] مرحوم سيدعلي رضوي مشهد مقدس جي رباني عالمن مان هو ۽ منهنجي والد مرحوم جو مخلص دوست هو

۾ ڪوبہ شڪ نہ آهي ۽ ان جهڙيون شخصيتون گهٽ آهن، ان جي باوجود ان تمنا ڪئي تہ ڪاش پنهنجي زندگيءَ جو سمورو عمل عالم وجود جي امير تائين ويجهڙائي لاءِ ڪريان ها!پرمريضن جي شفا ۽ اهڙن بين مقصدن لاءِ عمل ڪرڻ سبب، ان تي قدرت حاصل نہ ٿي سگهي.

انسان لاءِ عظيم عبرت آهي تہ هو ان راهہ ۾ عظيم ماڻهن جي تجربن مان عبرت حاصل ڪري ۽ انهن پنهنجي زندگي ۾ ڪيئي سالن جي تجربن سان جيڪي معرفتون حاصل ڪيون انهن مان فائدو حاصل ڪري ۽ غور ڪري تہ انهن جي پوري زندگيءَ ۾ تجربن جو آخري نتيجو ڇا نڪتو؟ هن نڪتي تي غور ڪرڻ ضروري آهي!

نڪتو هي تہ انهن عظيم ماڻهن جي اهم تجربن مان فائدو حاصل ڪرڻ انساني زندگيءَ لاءِ معنوي قيمت ۾ ڪئي سوين ڀيرا اضافو ڪري ٿو جيڪو تمام گهٽو فائدي مند آهي.بس اهو عمل انجام ڏيڻ جي ڪوشش ڪريو جنهن جو تجربو شيخ حسن علي اصفهاني ڪيو آهي، ۽ ان پنهنجي ڪتاب ۾ لکيو آهي، ۽ دعائن ۽ زيارتن کي پڙهو ۽ تمام عبادتن کي الله تائين ويجهڙائيءَ لاءِ انجام ڏيو تہ جيئن الله جي ولي مولانا صاحب زمان وٽ ويجهڙا بڻجو ۽ ننڍن مقصدن کي ڇڏي ڏيو!

جيڪڏهن توهان هن حقيقت کي سمجهي سگهيو ته پهنجي زندگي مان پورو فائدو حاصل ڪندا.

دعا جي محفلن جو انتظام

امام عليه السلام لاءِ جيئن هڪ تنها ماڻهو دعا گهري سگهي ٿو ائين ئي گڏجي ڪري امام لاءِ دعا جي محفلن جو انتظام ڪري سگهجي ٿو. محفل جي پروگرامن ۾ سندس لاءِ دعا کان علاوه ٻيا نيڪ ڪم پڻ وجود ۾ اچن ٿا، جيئن امامت جي فڪر کي زنده ڪرڻ ۽ اهل بيت جون حديثون ذڪر ڪرڻ وغيره.

صاحب مڪيال المڪارم پنهنجي ان ڪتاب ۾لکيو آهي ته امام عليه السلام جي غيبت جي دور ۾ مؤمنن جي ذميواري مان هڪ ذميواري اهڙن محفلن جو بندوبست ڪرڻ آهي، جنهن ۾ مولانا صاحب الزمان عليه السلام جو ذڪر ڪيو وڃي ۽ سندن لاءِ دعا گهري وڃي، ۽ ان ۾ جان، مال خرچ ڪجي ان ڪري جو اهو ڪم الله جي دين کي رائج ڪرڻ ۽ الله جي قول کي مٿاهون ڪرڻ ۽ نيڪي ۽ تقوا ۾ مدد ڪرڻ ۽ خدا جي شعائر جي تعظيم ڪرڻ ۽ الله جي ولي ؑ جي مدد ڪرڻ آهي.

نوٽ: ممڪن آهي ڪڏهن ته اهڙين محفلن جو انتظام واجب هجي، مثلاً جڏهن ماڻهن جو دين کان ڦرڻ ۽ گمراهه ٿيڻ جو خطرو هجي ۽ انهن

محفلن جو انتظام انهن کي گمراهي کان بچائڻ جو سبب بڻجي ٿا انهن جي سڌي رستي ڏانهن رهنمائي ٿئي، نيڪيءَ جوحڪم ٿا برائي ٿا گمراهي کان روڪڻ وارن دليلن جو لحاظ ڪندي ان کي فرض چئي سگهجي ٿو. الله ئي هر حال ۾ بچائيندڙ آهي[1]

غيبت جي دؤر ۾ فرائض

اسين هي ڪتاب لکون ٿا تہ جيئن غيبت جي دؤر ۾ ذميواري سڃاڻجي ٿا اها ذميواري ٿا فرض امام جي جلدي ظهور لاءِ دعا آهي. پرمناسب آهي تہ اسان هن ڪتاب جي مها ڀڳ ۾ ڪجهہ ٻيون ذميواريون ٿا فرائض بہ لکون جيڪي غيبت جي انڌيري دؤر ۾ اسان تي واجب آهن ان ڪري جو امامن کان ڪافي روايتون نقل ڪيون ويون آهن تہ اسان صبح شام امام عليہ السلام جي ظهور جي اميد رکون. افسوس سان چوڻو ٿو پئي تہ اڄ تائين اسان جو معاشرو غيبت جي دؤر ۾ تمام فرائض کان آگاهہ نہ ٿيو آهي، ٿا هن موضوع جي باري ۾ جيڪي ڪتاب لکيا ويا آهن، انهن ۾ هن دؤر جي فريضن مان ڪجهہ فرضن کي ذڪر ڪيو ويو آهي. ٿا جيڪڏهن ماڻهن شروع کان ئي غيبت جي دور ۾ پنهنجي بيڪار حالت کان واقف هجن ها تہ غيبت جو دؤر ايترو دگهو نہ ٿئي ها! بهرحال هر ماڻهو ٿا خاص ڪري انهن ماڻهن کي جن جو ڪم

---

[1] مڪيال المڪارم ج 2 ص 169

غيبت جي دؤر ۾ ماڻهن جي فرضن ۽ وظيفن کي بيان ڪرڻ آهي، ضروري آهي ته پنهنجي غفلت تي پشيمان ۽ غمگين ٿيڻ گهر جي، جا ڪائنات جي سرواڻ کان غفلت اسان لاءِ مناسب آهي جيڪو هن دنيا کان علاوه آسماني ڪهڪشائن جوڄاڻو آهي، ۽ اسان جي درميان زندگي گذاري ٿو؟ جا مناسب آهي ته اڄ جو نور پردي ۾ هئڻ ڪري لکين ماڻهن جو ذهن انڌيري حجاب ۾ هجي؟جا سيني ماڻهن لاءِ هڪ اهڙو آئينو هئڻ ضروري نہ آهي جيڪو هن جهان ۾ هرشيءَ جي صورت ڏيکاري؟ اهڙو آئينو دل آهي پر انسان ان دل جي عظمت کان بي خبر آهي ڪڏهن اهو وقت ايندو جو دليون پنهنجي اصلي زندگيءَ ڏانهن ورنديون ۽ انسان جي بلند، حقيقي زندگيءَ کي سڃاڻيندیون؟ اهو وقت ڪڏهن ايندو جو انسان پنهنجي دل جي عظمت کي ۽ ان آئيني جي عظمت کي سڃاڻيندا جنهن جي ذريعي دنيا جهان کي ڏسن وائسن ٿا، ؟ ڪڏهن اهو وقت ايندو جو انسان اونداهين، ظلم، ڪوڙ ۽ تهمت بازي کي ڇڏي ڏيندا؟ ۽ دنيا، جهان جي عادل خدائي حڪومت کي حاصل ڪندا ؟ ڪڏهن؟ ۽ جا ضروري آهي ته ذڪر ڪيل سڀ ڪجهہ رڳو مولا صاحب الزمان عليه السلام جي دؤر حڪومت ۾ واقع ٿئي؟جا ڳالهہ آهي جو اسين سندس ظهور جي دؤر جي عظمت جو احساس نہ ٿا ڪون ؟ ۽ هن دور جي انڌيري جي شڪايت نہ پيا ڪريون؟ ۽ "آئنده جهان" جي نظام جي باري ۾

آگاھ نہ ٿا ٿيون ۽ چا ڪاڻ اسان غيبت جي ڏينھن ۾ پنھنجي فرضن ۽ وظيفن تي عمل نہ ٿا ڪريون؟

دؤر غيبت ۾ ڪھڙي عادت

مٿي ذڪر ڪيل سيني سوالن جو جواب ھي آھي تہ: اسان غيبت جي ؤر ۾ غيبت جي انڌيري ۽ ان ۾ ٿيندڙ ظلم جا عادي ٿي چڪا آھيون ۽ ان ۾ گھري ويا آھيون، ان ڪري جو عادت ھڪ اھڙي طاقتور قدرت آھي جيڪا انسان کي پاڻ ڏانھن ڇڪي ٿي ونڊي، ڇگاين ۽ مداين جي ارادي کان علاوہ ھرشئ جي عادت انسان کي سندس طبيعت ۽ فطرت جيان پاڻ ڏانھن ڇڪي ٿي، اھڙيءَ طرح جو انسان پنھنجي پاڻ کي ان جي برخلاف تيار نہ ٿو ڪري سگھي، ۽ الله تعالىٰ عادت ۾ اھا طاقت قرار ڏني آھي تہ جيئن انسان نيڪي ڪري ۽ بغيري ارادي ۽ زحمت جي برن عملن کان پرھيز ڪري.

ان ئي لحاظ کان امير المؤمنين عليه السلام عادت کي انسان جي ٻئي طبيعت شمار فرمايو آھي، پاڻ فرمايائون: "اَلعَادَةُ طَبع ثان"[1] عادت انسان جي طبيعت ثاني آھي)

ھي جملو مختصر ھئڻ جي باوجود اھم حقيقتن تي مشتمل آھي، امام عليه السلام جي بقول جھڙيءَ ريت انسان فطري ضرورتن لاءِ

---

[1] شرح غرر الحكم ج1ص185

حرڪت ۾ اچي ٿو اهڙي عادت واري شين جي لاءِ حرڪت ۾ اچي ٿو، تنهنڪري انسان لاءِ ضروري آهي ته هن عظيم قدرت کي بلند مقصدن کي حاصل ڪرڻ لاءِ استعمال ڪري ۽ پنهنجي ذات کي براين کان بچائي!

افسوس سان چوڻو ٿو پوي ته انساني معاشرو صحيح قيادت نه هٿ ڪري ۽ ان کي اخلاقي ۽ اعلي انساني گٽن ڏانهن وٺي ويندڙ قدرت نه هٿ ڪري فردي ۽ اجتمائي غلط عادت جو عادي ٿي ويو آهي، اجتمائي عادتون فردي عادتن کان وڌيڪ قدرت رکن ٿيون، اهڙي طرح جو آساني ۽ سان انسان کي معاشري جي عادتن ڏانهن ڇڪي سگهن ٿيون، ۽ برن عادتن مان هڪ عادت جنهن ۾ معاشرو گرفتار آهي هي ۽ آهي ته "اهائي عادت اپنائڻ جيڪا معاشري ۾ جاري ۽ ساري آهي، ۽ ان کي اهڙي طرح برداشت ڪرڻ جو آئندہ جي باري ۾ ڪابہ سوچ ويچارنہ هجي ، ۽ چوٽڪارو ڏيارينڊڙ جي باري ۾ ڪوبہ غور و فڪرنہ ڪجي" جڏهن ته پاڻ سڳورن ۽ سندس اهل بيت "انتظار" جي مسئلي بابت پنهنجي بيان ۽ گفتار وسيلي ماڻهن کي ان ڏانهن شوق ڏيارينديي اعلان فرمايو آهي ته "اهڙي حالت کي برداشت ڪرڻ صحيح نه آهي" ۽ پنهنجي بيان و گفتار سان ماڻهن کي ايرندڙ مستقبل ڏانهن روانو فرمايو آهي.

افسوس آهي جو جن جي ذميواري ماڻهن آڏو انتظار جو مسئلو بيان ڪرڻ هو پرانهن ان ۾ ڪوتاهي ڪئي ۽ ايرندڙ مستقبل تائين پهچڻ ۾

ڪوشش نہ ڪئي نتيجي ۾ غيبت جو دؤر اڄ تائين هلندو رهيو آهي، اڄ بہ اسان معاشري جي اڪثر ماڻهن کي الله جي ولي جي ظهور کان غفلت جو عادي ڏنو آهي. ـ قانون وراثت مطابق پيءُ ڏاڏي کان ان جا وارثبڻيا آهيون ـ ۽ نتيجي ۾ معاشرو بلند درجن ڏانهن هلچل کان بيٺل آهي.

جڏهن انسان پنهنجون غلط عادتون ڇڏيندو آهي ۽ انسانيت سکندو آهي تہ بلند درجن ڏانهن ترقي ڪندو ويندو آهي.

مولیٰ امير المؤمنين عليه السلام فرمايو آهي تہ:" عادتن جي غلبي سان بلند ۽ بالا مرتبن تائين پهچي سگهجي ٿو"[1]

اسان جي معاشري لاءِ ضروري آهي تہ انتظار جي حالت ۾ جهان کي چوٽڪارو ڏيارينڏڙ آقا ۽ مالڪ جي ظهور لاءِ دعا گهرڻ ۾ زندگي گذاري، غيبت جي دؤر ۾ پنهنجي پراڻي غفلت واري عادت کي ڇڏي ڏي ۽ دل جي گهراين سان الله تعالیٰ کان دعا گهري تہ الله تعالیٰ امام مهدي عليه السلام جي عادل حڪومت کي جلدي آڻي.

فڪري طريقن کي بدلايو

روحاني پرواز ۽ فڪري طريقا متائڻ سان گڏوگڏ توهان پنهنجي اندر هڪ اهم تبديلي پيدا ڪريو ۽ اهڙن ماڻهن کان پري رهو جن وٽ امام جو

---

[1] (شرح غررالحڪم ج3 ص229)

ظهور ۽ غيبت برابر آهن، ۽ ڇاڻو ته جيئن ظاهري پيءُ کان غفلت هڪ عظيم ڏوهه آهي، اهڙي طرح باطني پيءُ (امام) کان غفلت هڪ عظيم ڏوهه آهي، تنهڪري جيڪڏهن توهان هاڻ تائين سڃاڻيا نٿيا آهيو ۽ امام جي ظهور ۽ غيبت جي دؤر ۾ فرق جي باري ۾ حيات بخش فڪر نه ڪيو آهي ۽ جيڪڏهن توهان اڃا تائين امام جي جلدي ظهور جي دعا نه گهري آهي ۽ نه ئي توهانکي ڄاڻ آهي ته امام جي حوالي سان توهان جي ذمي هڪ مخصوص فرض آهي، ته پوءِ جڏهن توهانکي حقيقت حال جي خبر پئي ته دؤر غيبت ۾ ماڻهن جي ذمي ڳرا فرض آهن ته اهڙي صورت ۾ توهان پاڻ کي نجات ڏيو ۽ گذريل وقتن جي خال کي سنجيدگي ۽ بلند همت سان پريو ۽ انتظار جي راهه جا واٽهڙو ٿيو! اسان تي لازم آهي ته امام عليه السلام جي محبت ۽ انتهائي شفقت محبان ولايت لاءِ گذريل غفلت کان بخشش جو سبب بڻبي ۽ سندس رحم دلي جو سبب بڻبي ته اسان جي غفلت کان در گذر جو قلم وهي وڃي.

ڇا يوسف عليه السلام پنهنجي پائرن کي نه چيو هو ـ جڏهن ته انهن مٿس انتهائي ظلم ڪيو هو ـ :"اڄ توهان تي ڪابه ملامت نه آهي الله توهان کي بخشيندو هو انتهائي مهربان آهي"[1] پڪ سان ڇاڻو ته اسان جو عظيم روحماديشين ۽ پست مسئلن سان تعلق رکڻ لاءِ پيدا نه ڪيو ويو آهي بلڪ الله تعالىٰ

[1] (يوسف آيت92)

۽ سندس جانشين جي معرفت ۽ معنوي امور جي معرفت وسيلي خدائي مسئلن ۾ گم ٿي وڃڻ لاءِ پيدا ڪيو ويو آهي، ڇا ڪنهن اهڙي شخص لاءِ مناسب آهي ته ان جو روح مادي فڪر سان پريل هجي، ۽ ان جو وجود غفلت جي قيد و بند ۾ جڪڙيل هجي، جنهن جو زماني جي امام سان رابطو ڪرڻ ممڪن هجي، جيئن سيد بحرالعلوم رحمۃ اللہ علیہ ۽ شيخ انصاري رحمۃ اللہ علیہ هئا؟ ڇا ان شخص جي لاءِ مناسب آهي جيڪو اهل بيت جي معرفت جي فضا ۾ پرواز ڪري سگهندو هجي ته اهو پنهنجي پرن کي پٽي پنهنجي ذات کي دنيا جي قيد خاني ۾ جڪڙي ڇڏي؟ ۽ شيطان لاءِ راند يڪو بڻجي وڃي؟ ڇا اهو مناسب آهي ته غيبت جي دؤر جا فتنا ۽ فساد دنيا جي ڪوڙين ماڻهن مان فقط ٿورڙائي ماڻهو ڄاڻن؟ هر ماڻهو پنهنجي قيمت ڇو نه ٿو ڄاڻي؟ ۽ ڇو نه ٿو ڄاڻي ته سندس قيمت فقط ان صورت ۾ آهي جڏهن الله ۽ سندس ولي ڏانهن متوجه رهي؟.

عالم هستي جي امير ڏانهن سفر

پڪ سان ڄاڻو ته جنهن سچي دل سان امام عليه السلام کي تلاش ڪيو ۽ سندس ظهور جي راهه ۾ ڪوشش ڪئي ۽ سندس ظهور جي جلدي هئڻ لاءِ دعا گهري ته آخرڪار خدا ڪندو اسان جو آقا به راهه جو راهي ٿيندو ۽ سندس لاءِ ظهور جو روشندان کلي پوندو. انهيءَ ڪري غيبت جي دؤر ۾

خدمت ڪرڻ کان هٿ نہ کڻو اها غيبت جيڪا ان رسيءَ جيان آهي جنهن کي دشمن دنيا جي مظلوم ترين ذات امير المومنين عليه السلام جي ڪنڈ تي رکيو ۽ ان جي ذريعي سندس هٿ ٻڌا، ۽ غيبت امام منتظر عليه السلام جا هٿ ٻڌا آهن، تنهن ڪري جيڪڏهن توهان امام جي ظهور جي لاءِ ڪوشش ڪندا ته غيبت جي رسيءَ جا ڏاڪا ٽٽي پوندا. ۽ توهان اطمئنان رکو ته جنهن بہ شخص امام عليه السلام جي راهہ ۾ پنهنجي زندگي گذاري ۽ امامت ۾ شڪ نہ ڪيو ته اهو شخص مولا جي منظور نظر هوندو. ۽ امام عليه السلام انکي پنهنجي ڪلام ۽ خوشخبري يا نظر ڪرم وسيلي خوش ڪندو ۽ امام عليه السلام ان جي دل کي راضي فرمائيندو. ڇاڪاڻ جو ائين ٿي ئي نہ ٿو سگهي جو ڪو انسان حقيقت کي تلاش ڪري ۽ حقيقت جي راهہ ۾ گامزن رهي، ان جي باوجود آخر ڪار پوري يا ڪجهہ حقيقت حاصل نہ ڪري سگهي امير المؤمنين فرمايو آهي ته: "جيڪو بہ ماڻهو ڪنهن شيءَ کي تلاش ڪري ته اهو ان کي يا ان جي ڪجهہ حصي کي حاصل ڪندو"[1] پڪ سان عقيدو رکو ته مولانا صاحب الزمان عليه السلام عالم جو امير ڪائنات جو قطب آهي. ۽ سندس مطلق ولايت (يعني جتي خدائي آهي اتي امام (عج) جي ولايت آهي) هرهڪ کي شامل آهي، توڙي جو اڄ غيبت جو دؤر آهي ۽ امام (ع) جي ولايت

---

[1] شرح غرر الحڪم ج5 ص305

جي اظهار جو وقت نہ رسيو آهي. امام عليه السلام جي زيارت ۾ هي جملو پڙهون ٿا: "عالم هستي جا قطب اوهان تي سلام" هر اها شيءَ جيڪا عالم هستي ۾ موجود آهي خواه غيبت جي انڌيري دؤر ۾ يا ظهور جي روشن دؤر ۾ هجي اها امام (عج) جي مقدس سائي ۾ زندگي گذاري ٿي ۽ پورو عالم امام (عج) جي ولايت جو قرضي آهي نہ فقط عالم جا مادي ذرا بلڪ عالم جون وڏيون هستيون جيڪي حضرت عيسىٰ عليه السلام جهڙو مرتبو رکن ٿيون اهي به امام (ع) جون تابعدار آهن. ۽ امام (ع) جي حڪم جون پيروڪار آهن بلڪ حضرت عيسىٰ عليه السلام امام عليه السلام جي برڪت ۽ سندس پاڪ پاڪيزه پيءُ ڏاڏي وسيلي مقامِ ڪرامت تي پهتل آهي، ائين نہ آهي ته عيسىٰ عليه السلام فقط ظهور جي دؤر ۾ امام (عج) جي امامت ۽ ولايت جي جهنڊي هيٺيان آهي بلڪ غيبت جي دؤر ۾ به عيسىٰ امام جو تابعدار آهي . امام (ع) جي زيارت ۾ اسان هي جملو پڙهون ٿا: " اي عيسىٰ مسيح جا امام توهان تي سلام " عيسىٰ جي لاءِ هي مقام ولايت امام (ع) جي ظهور جي روشن دؤر سان مخصوص نہ آهي، بلڪ اڄ به امام (ع) جي بارگاهِ عظمت ۾ سندس مقام ولايت ۽ امامت ۾ رهي ڪري اتباع ڪرڻ تي فخر ڪري ٿو. تمام چونڊيل بزرگن ۽ تمام خداجي اوليائن لاءِ جن پنهنجي نفس کي ماريو ۽ نيت کي خالص ڪيو تن کي الله وٽ پنهنجي حيثيت مطابق امام (ع) جي نوراني

مقام تائين (رسائي جو) طريقو ۽ راه حاصل آهي تہ انهن ماڻهن وسيلي امام جي تنهائي ختم ٿئي ٿي.

هڪ روايت ۾ بيان ڪيو ويو آهي " 30 ماڻهن هوندي تنهائي ۽ وحشت جي گنجائش نہ آهي" مذڪوره مطلبن کي بيان ڪرڻ مان اسان جو مقصد هيءُ آهي تہ امام (ع) جو مطلب هيءُ نہ آهي تہ امام جي غيبي مدد تمام مخلوقات کان ختم ٿي وڃي ۽ ساڻائي نہ ٿو ڪري سگهي ۽ ڪابہ راھ امام جي نور تائين موجود نہ آهي، بلڪ جيڪي ماڻهو سچي دل سان امام تائين پهچڻ جي ڪوشش ڪن ٿا ۽ سندس معرفت جي سائي ۾ آهن، اهي پنهنجي زندگيءَ ۾ سندس ظهور جي اميد ۾ آهن، جيڪڏهن سندس متعلق ڪا خبر پوي ٿي يا سندس پاران انهن تي نظر ڪرم ٿئي ٿي تہ سندن مضبوط دليون ايجا بہ پختيون ٿين ٿيون، اهڙن مختلف شخصيتن جو خطاب اسان کي هن انداز ۾ ٻڌڻ ۾ اچي ٿو:"تون پنهنجي جتي لاھ پڪ سان تون پاڪيزه وادي طوي ۾ آهين." [1] . هاڻ پنهنجون جتيون لاهيو تہ جيئن خبر پئجي سگهي تہ توهان جا پير ڪيئن زخمي ٿين ٿا، تہ جيئن عالم هستي جي امير ڏانهن سفر کان بيهي رهو.افسوس!ڪجھ ماڻهن نيڪ نيت نہ هڻڻ سان گڏو گڏ ماڻهن جي پيرن هيٺان پٿر رکن ٿا، ۽ انهن کي ٽڪائن ٿا، اهي اهڙاماڻهن آهن جيڪي

[1] طه آيت 12

پنهنجي تکي ۽ تيز زبان سان امام (ع) جي محبن جي دلين کي ڏکائن ٿا، جو تہ اهي شيطاني پيغامن سان چاهين ٿا تہ امام (ع) جي راھ کان هر هڪ رکجي وڃي، ائين ٿو لڳي جڻ اهي نٽا ڇاڻن تہ امام (ع) جي راه ۽ سندس محبن سان دشمني خود امام (ع) جي ذات سان دشمني آهي. ڇا مولا امير المومنين (ع) نہ فرمايو آهي: "تنهنجا دوست ٽن قسمن جا آهن، 1 تنهنجو دوست 2 تنهنجي دوست جو دوست 3 تنهنجي دشمن جو دشمن: تنهنجا دشمن بہ ٽن قسمن جا آهن 1 تنهنجو دشمن 2تنهنجي دوست جو دشمن 3 تنهنجي دشمن جو دوست "[1] ان بنائتي ڇا امام منتظر (عج) جي محبن سان دشمني ڪرڻ امام (عج) جي ذات ۽ شخصيت سان دشمني نہ آهي؟.

منتظر امام عليه السلام ڏانهن توجہ

اسان لاءِ هي ڇاڻڻ ضروري آهي تہ امام منتظر عليه السلام ڏانهن توجہ ڪرڻ حقيقت ۾ الله ڏانهن توجہ ڪرڻ آهي بلڪ اهڙي طرح سينه امامن ڏانهن توجہ ڪرڻ الله عزوجل ڏانهن توجہ ڪرڻ آهي ڇاڪاڻ تہ امامن جي زيارت ڪرڻ ۽ کين وسيلو قرار ڏيڻ الله ڏانهن رخ ڪرڻ جو ڪارڻ آهي ان ڪري جوجيڪو بہ شخص الله ڏانهن ويجهڙائيءَ جو ارادو رکي ٿو اهو امامن ڏانهن رخ ڪري ٿو. جيئن تہ زيارت "جامعہ ڪبيره" ۾ هيءُ جملہ پڙهون ٿا:

---

[1] (نهج البلاغہ قول 295

"جيڪو الله ڏانهن ارادو ركي ٿو اهو توهان جي ذريعي (الله ڏانهن) رخ ڪري ٿو"جڏهن ڪوبہ انسان امامن ڏانهن رخ ڪري ٿو تہ پنهنجي ذات ۾ ترقيءَ جو سبب حاصل ڪري ٿو، بلڪ بلند مقام ۽ مرتبن تائين پهچڻ ۾ رڪاوٽن کي پري ڪري ٿو، جڏهن انسان مولا امام صاحب الزمان عليه السلام ۽ اهڙيءَ طرح تمام امامن ڏانهن رخ ڪري تہ: الله جي رحمت ۽ بخشش جا دروازا هن ڏانهن کلي پون ٿا ۽ سندس اندر جون اونداهيون ختم ٿي وڃن ٿيون.

حضرت امام محمد باقر عليه السلام امير المؤمنين عليه السلام جي ڪلام :"اَنَا بَابُ اللّٰه " جي وضاحت ڪندي فرمايو:" آءٌ الله جو دروازو آهيان"ان مان مراد هي آهي تہ جنهن بہ منهنجي وسيلي الله ڏانهن توجہ ڪئي تہ ان کي الله بخشيندو[1] ان بنا تي الله جي دروازي ڏانهن توجہ ڪرڻ سان الله انسان جا گناهہ بخشي ٿو ۽ رڪاٽون پري ڪري ٿو ۽ تمام معصوم نوراني مرتبي ۽ مقام وارا آهن، انهيءَ ڪري اهي سڀ جاسپ هر دؤر ۾ موجود ۽ چائيل آهن، ۽ هر زماني ۾ انهن ڏانهن توجہ ڪرڻ ضروري آهي، پر زماني جي مختلف ۽ خاص وقتن جي اچڻ ڪري هر انسان لاءِ ضروري آهي تہ سڀني امامن کان وڌيڪ پنهنجي دؤر جي امام ڏانهن توجہ ڪري! ۽ توهان لاءِ ضروري آهي تہ

[1] بحار الانوار ج 39 ص 349

عبد الله ابن قدامہ ترمذي جي حضرت امام موسیٰ ڪاظم عليہ السلام ڪان نقل ڪيل روايت تي غور ڪريو امام (ع) فرمايو:"جنهن چئن شئين ۾ شڪ ڪيو ان جڙ خدا جي سڃي وحيءَ جو انڪار ڪيو انهن چئن منجهان هڪ هر زماني ۾ هر پل ۾ امام جي ذات ۾ صفات سان معرفت آهي"[1] تنهن ڪري هر دؤر ۾ امام جي معرفت فرض آهي. ائين ڪيئن ٿي سگهي ٿو تہ انسان پنهنجي امام جي معرفت بہ رکي ۽ ان جي عظمت کان آگاہ بہ هجي پر امام ڏانهن توجہ نہ ڪري ؟ ان ڪري ڪنهن بہ انسان کي نٿو جڳائي تہ امام (ع) ڏانهن توجہ نہ ڪري ۽ سندس صفتن ۽ بلند مقام جي معرفت حاصل نہ ڪري جتو ٽيڪ اهو ماڻهو باقي سيني امامن (ع) ڏانهن توجہ ۾ هجي. هن دؤر ۾ جيڪو بقيّة الله (امام مهدي عج) جي امامت جودؤر آهي اسان جو فرض آهي تہ اسان پنهنجي مولیٰ بقيّة الله (عج) ڏانهن خاص توجہ ڪريون!

قاسم رشتي کي دعا جي تعليم

قاسم رشتي چوي ٿو اولياء الله مان هڪ بزرگ هستيءَ مونکي هڪ دعا سکاري ۽ فرمايو:"تون اها دعا مؤمنن کي سيکار تہ جيئن مؤمن پنهنجي مشڪلاتن ۾ ان وسيلي دعا گهرن ڇاڪاڻ جو اها دعا آزمايل آهي"دعا:

---

[1] بحارالانوار ج2 7 ص 135

"يَامُحَمَّدُ يَاعَلِيُّ يَافَاطِمَةُ يَاصَاحِبَ الزَّمَانِ!اَدرِكنِي وَلَاتُهلِكنِي!" جڏهن امام ان کي ان انداز ۾ اها دعا سيکاري ته ان جيو آءُ سوچ ۾ ٻڏي ويس تنهن تي انهن پڇيو ڇا تو جملي جي لفظن ۾ ڪا غلطي ڏٺي آهي؟ مون جواب ڏنو جي ها ڇاڪاڻ جو ان ۾ خطاب ڇئن شخصيتن سان آهي ۽ ضروري آهي ته ان کان پوءِ جيڪو فعل ذڪر ڪيو وڃي اهو "اَدرِکُونِي" جمع جو هجي، امام (ع) وراٽيو تو سمجهڻ ۾ غلطي ڪئي آهي جو جو هن دؤر ۾ هڙني جهانن جو نظام سنيالينڌڙ صاحب امر آهي ۽ اسان وٽس محمد ، علي، فاطمہ کي سفارش قرار ڏنو آهي ۽ سيني کان نہ بلڪہ فقط کانئس ئي مدد گهري آهي .[1]

هن نڪتي ڏانهن توجہ ضروري آهي ته جهڙيءَ طرح رسول خدا ۽ اميرالمؤمنين عليہ السلام جي دؤر ۾ سلمان، ابوذر، مقداد ، ۽ تمام اولياء خدا سندن ڏانهن توجہ ڪندا هئا ۽ جيئن امام حسن ۽ امام حسين جا اصحابي سندن دؤر ۾ سندن ڏانهن توجہ ڪندا هئا، اهڙيءَ طرح هن زماني ۾ جيڪو معنوي بلند درجن تي پهتل آهي اهو پنهنجي مولیٰ بقيّة الله جو ذڪر ڪيئن وساري سگهي ٿو؟ جڏهن ته هو ڏانهنس توجہ رکي ٿو، جيئن ته هي جملو اسان دعا ندبہ ۾ پڙهندا آهيون: "ڪٿي آهي الله جو اهو رخ جنهن ڏانهن اولياء رخ ڪن ٿا؟" انڪري هن وقت جا اولياء پنهنجي دؤر جي امام ڏانهن رخ ڪن

---

[1] دارالسلام ليکڪ عَراقي ص317

ٿا، ۽ اهي ماڻهو جيتوڻيڪ عام ماڻهن ۾ مشهور نه آهن پر پنهنجي امام سان رابطي ۾ آهن، ۽ سندس ڪلام مان فائدو حاصل ڪن ٿا، ان فائدي جو دليل اسان زيارت آل ياسين ۾ هي جملو پڙهون ٿا: "توهان تي سلام ان وقت جڏهن پڙهو ٿا ۽ بيان ڪريو ٿا" لهذا هر دؤر ۾ ضروري آهي ته ماڻهو پنهنجي وقت جي امام ڏانهن خاص توجہ ڪري هن مقام تي اسان ائين امام کان نقل ٿيل روايت ذڪر ڪريون ٿا جيڪا غور طلب آهي:

حضرت امام رضا عليه السلام پنهنجي پيءُ ڏاڏي کان نقل ڪندي بيان فرمايو آهي ته: "رسول خدا الله جي قول: "يَومَ نَدعُو كُلَّ اُنَاس بِاِمَامِهِم[1]" جي تفسير ۾ فرمايو: يعني هر قوم کي سندس زماني جي امام ۽ الله جي ڪتاب ۽ سندس نبيءَ جي سنت سان گڏ سڏيو ويندو[2]

روايت جو مطلب هي آهي ته قيامت ڏينهن هر انسان کان هن دنيا جي ٽن مسئلن جي باري ۾ پڇيو ويندو: 1- پنهنجي زماني جي امام جي بنسبت ماموم جي ذميواريءَ متعلق، 2- الله جي ڪتاب متعلق 3- نبيءَ جي سنت تي عمل ڪرڻ يا نه ڪرڻ متعلق،

---

[1] سورة اسراء آيت 17

[2] بحارالانوار ج 8 ص 10

خلاصو هي تہ قيامت ڈينهن امامت جي باري ۾ ۽ پنهنجي وقت جي امام جي معرفت جي حاصل ڪرڻ جي باري ۾ سوال ڪيو ويندو.

توجہ جا طريقا

زماني جي امام ڈانهن توجہ ڪرڻ جي اهم طريقن مان هڪ هي آهي تہ:انهن نمازن، دعائن، زيارتن کي پڙهيو وڃي جيڪي امامن کان نقل ڪيل آهن يا امام زمانہ جي بارگاھ مان جاري ٿيل آهن.

امام عليه السلام جي، سندن نائب خاص محمد ابن عثمان جي وسيلي احمد ابن ابراهيم کي هي وصيت هئي تہ هو:" پنهنجي امام ڈانهن سندس زيارت وسيلي توجہ ڪري!"(يعني زيارت ندبہ وسيلي)

ممڪن آهي هن ڪلام مان هي نڪتو حاصل ٿئي تہ جيڪي زيارتون ۽ دعائون امام (ع) سان تعلق رکن ٿيون انسان انهن وسيلي امام ڈانهن متوجہ ٿئي ۽ پنهنجي دل امام ڈانهن موڙي.

امام جي ذات پاڪ ڈانهن توجہ ۽ سندس جدائيءَ جو درد ۽ افسوس جو اظهار غيبت جي دؤر سان مخصوص نہ آهي بلڪ اهو مسئلو پهرين امامن جي دؤر ۾ بہ هئو، ۽ اهل بيت (عليهم السلام) امام زمانہ عليه السلام جو عظيم مقام ۽ شخصيت کي بيان فرمايو آهي ۽ سندس دؤر غيبت ۽ جدائيءَ تي افسوس جو اظهار فرمايو آهي ، حقيقت ۾ اهل بيت (ع) نہ فقط پنهنجي لفظي

بيانن وسيلي عالمہ وجود جي سردار جي فراق ۽ ان تي افسوس جي اظهار ۽ آنحضرت جي ذڪر ۾ رهڻ واري ماڻهن جي فريضي کي بيان فرمايو آهي بلڪ ان ڳالهہ جو سندس ڏگهي غيبت جي دؤر تي غمگين دل جي آه و زاري ۽ روئڻ جي انداز سان عملي انداز کي بيان فرمايو آهي، ان سان ماڻهن کي دؤرغيبت ۾ انتظار ۽ ان تي افسوس جي اظهار جو انداز سيکاريائون، پرافسوس جو شيعہ قوم اهڙي بنيادي مسئلي کان بي خبر آهي جنهنجو دنيا ۽ آخرت جي زندگيءَ ۾ هڪ عظيم اثر آهي!

بزرگ عالمن جي ذميواري هئي ۽ آهي تہ هن موضوع ڏانهن عام ماڻهن جي رهنمائي ڪن جنهنجو عالمہ هستي ۾ هڪ عظيم اثر ٿئي ٿو، پر ان موضوع کي ترڪ ڪيو ويو آهي .

ماضي ۽ حال ۾ شيعہ قوم جي هن مسئلي کان بي خبري ۽ توجہ نہ ڏيڻ سبب ڪائنات بقيّة الله جي ظهور جي نعمت کان محروم آهي، (جي ايا بہ عالمہ ۽ شيعا قوم سڃاڻ نہ ٿيا تہ) اهڙي طرح عالمہ هستي مظلوم رهندي ۽ غاصب ملعون حڪومت قائم ۽ دائم رهندي جنهن جا هٿ لکين ڪروڙين مسلمان ۽ غير مسلمانن جي خون سان رنگين آهن. ۽ معاشرو دنياوي مسئلن ۾ غرق ٿي چڪو آهي ۽ ان ذات کان غافل آهي جيڪا هن دنيا جي وجود جو سبب آهي.

اها ڳالهه سڀني ٿا ته دنيا سڀني جوگهر آهي انڪري انهن جي ڳولها ۽ ضروري آهي پر ڇا ايتري حد تائين جو مسبب الاسباب کان بي خبري هجي؟ بي شڪ معاشرو مسبب الاسباب امام ۽ خليفي کان غافل آهي .

غفلت جو اهم سبب

اڪثر ماڻهن جو امام زمانہ ڏانهن توجہ نہ ڏيڻ ۽ آنحضرت کان غافل رهڻ جو سبب ماڻهن جو امام (ع) جي شخصيت جي باري ۾ معرفت کان غفلت آهي.

اهل بيت (ع) کان نقل ڪيل روايتون امام عليه السلام جي شخصيت جي عظمت کي واضح بيان ڪن ٿيون.

افسوس جن ماڻهن جي ذميواري هن حقيقت کي ماڻهن تائين پهچائڻ هئي ۽ عالمہ هستي جي سردار ۽ رهبر ڏانهن رهنمائي ڪرڻ هئي انهن کي هن اهم شرعي فرض انجام ڏيڻ جي توفيق حاصل نہ ٿي!

هاڻ اسين مولیٰ امام زمانہ عليه السلام کي اهوئي عرض پيش ڪريون ٿا جيڪو حضرت يوسف (ع) جي ڀائرن پنهنجي پيءُ آڏو پيش ڪيو هو، ۽ پنهنجي مهربان امام جي خدمت ۾ اهو عرض پيش ڪريون ٿا ۽ ڪائن بخشش ۽ درگذر جا طلبگار آهيون! "اي بابا سائين اسان جي گناهن جي

بخشش طلب ڪريو جو بي شڪ اسين خطاڪار هئاسين[1]" ۽ جڏهن اسان جا اڳيان گناهه معاف ڪيا وڃن تہ اسان اميد رکون ٿا تہ آئندہ اسان انهن جي تلافي ڪنداسين ۽ سندن ذڪر ڪنداسين ۽ وس آهر سندس مقدس رخ ڏانهن ماڻهن کي توجہ ڏيارينداسين!

انتظار جي ڪيفيت

انتظار فقط ان جو نالو نہ آهي تہ ظهور جي وقت ۾ موجود رهڻ لاءِ تيار رهون، بلڪ ان کان علاوہ انتظار جي باري ۾ اسان جو غور ۽ فڪر ڪرڻ بہ ضروري آهي! مثلاً اهو ٿي سگهي ٿو تہ ڪيترائي ماڻهو مهمان جي پليڪار لاءِ تيار هجن پر ڪنهن کي دعوت نہ ڏين ۽ نہ ئي ڪنهن مهمان جي انتظار ۾ هجن، اهڙن ماڻهن لاءِ ائين نٿو چئي سگهجي تہ اهي ڪنهن مهمان جي انتظار ۾ آهن يا مهمان جي آڏرياڻ ڪري سگهن ٿا ڇو تہ اهي نہ مهمان جي اچڻ جي انتظار ۾ آهن ۽ نہ وري ان جي نہ اچڻ تي افسوس ڪن ٿا.

اسان جي ذڪر ڪيل بيانن مان واضح ٿئي ٿو تہ روح کي سڏارڻ ۽ پاڪ ڪرڻ ۾ هڪ ڪمي آهي ڇو تہ جيڪو عظيم امام ڏانهن توجہ نہ ڪري ان پڪ سان پنهنجي هڪ اهم ذميواريءَ کي وساريو آهي، اها ذميواري عالم هستي کي پاڪ بڻائڻ ۽ هن اعليٰ مقصد ڏانهن پيش قدمي ڪرڻ

---

[1] يوسف آيت97

آهي، ٻين لفظن ۾ هيئن چئجي ته انسان پاڻ ۾ ان شرطسان سڏارو آڻي سگهي ٿو ته هو نه فقط پاڻ کي سڏارڻ جي فکر ۾ رهي بلڪ دنيا کي ظلم ۽ گناهن جي گندگي کان پاڪ ڪرڻ جي سوچ ۽ فکر ۾ رهي انڪري جيڪو پاڻ کي سڏارڻ جي ڪوشش ۾ آهي ان لاءِ ضروري آهي ته دنيا جي سڏاريندڙ جي ظهورجي انتظار ۾ رهي فقط ظهور جي عقيدي کي ڪافي نه سمجهي تنهنڪري هر انسان لاءِ هن نڪتي ڏانهن توجه ڪرڻ ضروري آهي ته "انتظار جي حالت ۽ ظهور جي عقيدي" ۾ گهڻو فرق آهي، انڪري جو تمام شيعا بلڪ ڪيترائي ٻين مذهبن وارا جهان ۾ سڏارو آڻيندڙ جي ظهور جو عقيدو رکن ٿا جيڪو جهان کي انصاف ۽ عدالت سان ڀريندو، پر انهن مان هر هڪ ظهور جي زماني جو انتظار ڪندڙ نه آهي، اهو ماڻهو انتظار ڪندڙ آهي جيڪو ظهور جي عقيدي سان گڏ ظهور جي زماني کي ڏسڻ جو انتظار ڪري ۽ ظهور جي اميد سان پنهنجي عملن ۾ مصروف رهي.

جيڪي روايتون انتظار جي ساراهه ۾ نقل ڪيون ويون آهن اهي ان ڳالهه تي دلالت ڪن ٿيون ته ظهور ۽ خوشحاليءَ جي اميد رکڻ ضروري آهي، جو جو جيڪڏهن انتظار جي اميد نه هوندي ۽ ظهورجي زماني کي ڏسڻ کان انسان مايوس هوندو ته انتظار جي اميد ڏيندڙ روايتن تي ڪيئن عمل ڪري سگهندو؟

ظهور جي مسئلي تي عقيدي ۽ ان زماني کي ڏسڻ لاءِ تياري سان گڏوگڏ هر انسان جي ذميواري آهي ته ظهور جي باري ۾ فڪر ڪري ۽ ان دؤر کي ڏسڻ جي دعا گهري ۽ يقين ڪري ته "الله جيڪي چاهي ڪري سگهي ٿو."

عظمت امام اهل بيت جي زباني

امام زمانہ عليه السلام جي شخصيت جي معرفت انتظار لاءِ هڪ بهترين وسيلو آهي. مطلب جي وضاحت :امام زمانہ عليه السلام جي عظمت ۽ سندس شخصيت جي باري ۾ جيڪي روايتون اهل بيت (ع) پاران بيان ڪيل آهن انهن ۾ هڪ اهڙي جوش جي ڪيفيت آهي جنهن تي انسان تعجب ۽ اچرج ڪري ٿو، انساني وجود جي اونهائين ۾ اثر ڪندڙ روايتن هوندي ڪيئن معاشري جي دل زماني جي امام (ع) کان غافل رهي، جيڪو دل لڳيءَ جو حقدار آهي؟ ۽ "بهشت جي مور" جي بدلي ۾ ڪاڪ ۽ هل کي چونديو؟ هي غفلتون ڇا لاءِ ۽ هي انڌيرا ڪنهن لاءِ؟.

ڇا عالمن ۽ ديندار بزرگن، ماڻهن کي هن راهه تي آڻڻ لاءِ ڪو مناسب قدم کنيو آهي؟ ڇا قوم جي بزرگن -انهن ماڻهن جيڪي پاڻ کي امام ڏانهن منسوب ڪن ٿا- کا خدمت ڪئي آهي؟ ڇا دولتمند مومنن هن بنيادي مسئلي ۾ هڪڙئي جو ساٿ ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي آهي؟ حقيقت هيءَ

آهي تہ قوم جي هرهڪ فرد جو پنهنجي پنهنجي حساب سان هن مسئلي کان غفلت ۾ حصو آهي، تنهن هوندي بہ چند اهڙا عالم موجود آهن جيڪي غمگين ۽ افسوس جي حالت ۾ زندگي گذارن ٿا ۽ هن راھ ۾ خدمت گذار آهن.

هتي اهل بيت (ع) کان نقل ڪيل ڪجھ روايتون ذڪر ڪجن ٿيون، تہ جيئن توهان ڏسو تہ اهل بيت (ع) صاحب زمانہ جو ڪهڙي انداز ۾ ذڪر فرمايو آهي، ۽ انهن ڏانهن ماڻهن جي توجہ ڏيارڻ ۾ ڪيئن ڪوشش ڪئي آهي ۽ اسان کي ڪيئن انهنجي تعظيم سيکاري آهي؟

1-فرمان رسول الله(ص):

"منهنجو پيءُ ماءُ گهور وڃي منهنجي نالي واري تان ۽ مون جهڙي تان"هي فرمان نبيءَ امير المؤمنين عليه السلام کي منتظر امام جي غيبت جي دؤر ۾ ٿيندڙ واقعن جي باري ۾ ٻڌائڻ کان پوءِ فرمايو.

۽ هاڻ اچو تہ آنحضرت جي هن فرمان ۾ غور ڪريون!"مون کان پوءِ خاموش خونخوار فتنو ۽ فساد برپا ٿيندو جنهن ۾ هرقسم جا راز کلي ويندا، اهو ان وقت ٿيندو جڏهن تنهنجا شيعا تنهنجي ستين فرزند جي پنجين فرزند کي گم ڪري چڪا هوندا، انجي اٽلپ هئڻ ڪري زمين ۽ آسمان وارا غمگين

هوندا، ان وقت ڪيترائي مؤمن ۽ مؤمنياٽيون غم، افسوس ۽ پريشانيءَ جي حالت ۾ هوندا" ان کان پوءِ ڪجھ دير سرهيٺ رکي مٿي کنيائون ۽ فرمايائون: "منهنجو پيءُ ماءُ گھور ٿئي منهنجي نالي واري مون جھڙي ۽ موسيٰ ابن عمران جھڙي تان، جيڪو نور جي حجابن ۾ هوندو جيڪو نور مقدس نور جي شعاعن مان روشني وٺي ٿو."[1]

2- فرمان امير المؤمنين عليه السلام:

پاڻ غائب امام جي باري ۾ فرمايائون: "منهنجي جان مٿائن قربان ...!"هيءُ جملو علامہ مجلسي امير المؤمنين (ع) کان نقل ڪيو آهي ۽ ان بيان ڪيو آهي تہ اهو "ديوان علي" ۾ کائن نقل ڪيل آهي:"

فَثَمَّ يَقُومُ القَائمُ الحَقَّ منكُم وَبالحَقّ يَاتيكُم وَبالحَقّ يَعمَلُ
سمي نَبي اللّٰه نَفسي فدَاؤُهُ فَلاَ تَخذلُوه يَا بُنَيَّ وَعَجّلُوا[2]

مطلب هي تہ ان دؤر ۾ توهان مان اهو شخص حق سان قيام ڪندو جيڪو حق کي آڻيندو ۽ ان تي عمل ڪندو ان لاءِ رسول خدا فرمايو آهي: "منهنجي جان ان تان قربان!" تنهنکري اي منهنجا فرزندو! ان جي ساڻائي ڪجو ۽ ان جي مدد ڪرڻ ۾ ڪوشش ڪجو (بحار الانوار ج51ص131)

---

[1] (ڪفايت الاثر ص158)

[2] بحار الانوار 131/51

3- فرمان امير المؤمنين عليه السلام

"منهنجو پيءُ قربان بهترين ڪنيز جي فرزند تان!"

امام علي عليه السلام امام زمانہ عليه السلام جون جسماني وصفون بيان ڪرڻ کان پوءِ هن ڪلام وسيلي سندس ڏانهن پنهنجي انتهائي مشتاق هئڻ جو اظهار فرمايو آهي، هن روايت کي جابر جعفي نقل ڪيو آهي -جابر هڪ مدبر ۽ امام محمد باقر عليه السلام ۽ امام جعفر صادق عليه السلام جي راز دار صحابن مان هو — امام (ع) هن روايت ۾ امام زمانہ جون ظاهري جسماني وصفون بيان ڪرڻ کي ڪافي سجهيو آهي ۽ سندس معنوي اوصاف بيان نہ فرمايا آهن جاڪاڻ جو امام (ع) هڪ اهڙي ماڻهو سان گفتگو ٿي فرمائي جيڪو دنيا ۾ هر باطل ۽ فساد جو بنيادي ڪارڻ آهي، بهرحال هن روايت ۾غور ڪرڻ ضروري آهي، جابر جو بيان آهي تہ حضرت امام محمدباقر عليه السلام فرمائي رهيا هئا "عمر ابن خطاب، امير المؤمنين عليه السلام سان گڏگڏ هلي رهيو هو ان امام (ع) کان پڇيو:مونکي مهدي جو نالو ٻڌايو؟امام(ع) جواب ۾ فرمايو:"منهنجي حبيب الله جي رسول مونکان عهد ورتو آهي تہ ان وقت تائين سندس نالو نہ ٻڌايان جيسين الله ان کي موڪلي"وري ان پڇيو پلا ان جون وصفون ٻڌايو؟ امام (ع) فرمايو:"هو جوان وچولي قد وارو هوندو، چهرو مبارڪ سهڻو، خوبصورت وارن وارو، سندس وار ڪلهن تي پوندا هوندا ۽

سندس چهري جو نور سندس ڪاري سونهاريءَ ۽ مٿي جي ڪارن وارن ڪان روشن هوندو، منهنجو پيءُ قربان بهترين ڪنيز جي فرزند تان.[1]"

4-فرمان امام علي عليه السلام

"بِاَبِي ابنَ خِيَرَةِ الاِمآءِ"امام(ع) ٻيهر هي جملو ارشاد فرمايو آهي، ۽ حارث همداني ان کي نقل ڪيو آهي، امام(ع) هن روايت ۾ بيان فرمايو آهي ته صاحب زمان جي طاقتور هٿن ۾ انتقام جي تلوار وسيلي ظالمن جو ظلم پڇاڙيءَ کي رسندو، ۽ هو دنيا ۾ ظالمن کي موت جي جام سان سيراب فرمائيندو، هاڻ امير المؤمنين جي ڪلام ۾ غور ڪريون جيڪو غمگين مؤمن جي دل خوشحال ڪري ٿو:

"بهترين ڪنيز جي فرزند تان منهنجو پيءُ قربان! هو ظالمن کي ذليل ۽ خوار ڪندو ۽ انهن کي موت جو پريل جام پيارينڊو ۽ انهن سان سخت مقابلو ڪندو[2]"

هائو ان ڏينهن اهل سقيفہ ۽ انهن جي وارثن جي حڪومت ختم ٿي ويندي ۽ ان وقت هڙئي موت جو جام پيئندا.

---

[1] بحار الانوار ج51ص36

[2] بحار الانوار ج51ص121

5 فرمان علي ابن ابي طالب عليه السلام

"بهترين ڪنيز جي فرزند تان منهنجو پيءُ قربان ! "

هي جملو امام(ع) وري پنهنجي هڪ خطبي ۾ ذڪر فرمايو آهي، "بس پنهنجي نبيءَ جي اهل بيت کي نظر ۾ رکو!جيڪڏهن اهي خاموش رهن تہ توهان بہ خاموش رهو!۽ جيڪڏنهن اهي توهان کان مدد گهرن تہ سندن مدد ڪريو! بيشڪ الله اسان مان هڪ مرد کي ظاهر ڪندو -بهترين ڪنيز جي فرزند تان منهنجو پيءُ قربان! -ظالمن تي سخت تلوار هلائيندو، انن مهينن تائين تلوار سندس ڪلهن تي رکيل هوندي.[1]" امام(ع) هن خطبي ۾ خوشخبري ڏني آهي تہ:جهان سڌري ويندو ۽ لعنتين کان پاڪ ٿي ويندو ۽ ظالمن سان انن مهينن تائين جنگ هلندي رهندي، ان کان پوءِ صلح ۽ دوستيءَ جو حڪم ڪيو ويندو.

6-فرمان امام علي عليه السلام

"هَاه شَوقاً الیٰ رُؤيَتِه"

هي ڪلام اميرالمؤمنين عليه السلام ايندڙ فتنن ۽ صاحب امر جون خاصيتون بيان ڪرڻ کان پوءِ فرمايوآهي، پنهنجي سيني ڏانهن اشارو ڪندي

---

[1] بحار الانوار ج51ص 115

فرمايائون:"آه افسوس ان کي ڏسڻ جو کيڏو نہ شوق آهي! "چو تہ امام(ع) هر شئ جي باري ۾ پنهنجي علم سبب جاڻن پيا تہ جنهن فتني ۽ فسادجو بج اهل سقيفہ سقيفي ۾ پوکيو آهي ان جي باھ جاشعلا پڙکندا رهندا ۽ هڪ دڳهي عرصي تائين پوري عالم ۾ پکڙجي ويندا ، ۽ دنيا مظلوم رهندي، اهي جرم ٿنيدا رهندا تانجو خدا جي گهر(کعبي) وٽان آل محمد جي قائم جوظهور ٿيندو 313 اهڙن ساٿين سان گڏ جيڪي ديندار هوندا ۽ انهن جون دليون ولايت اهل بيت ۾ مگن هونديون،انهن سان گڏ ٻيا مؤمن پڻ هوندا ، ۽ اهي ظالمن کان ظلم جو بدلو وٺندا ،

جيڪڏهن سقيفي واري ڏينهن کجهہ اهڙا ماڻهو هجن ها جيڪي امام علي (ع) لاءِ پنهنجي جان جي قرباني ڏين ها! تہ دشمن وحيءَ واري گهر کي ساڙي نہ سگهن ها! ۽ عالم هستي جي اميرجي ڇڇيءَ ۾ رسي نہ وجهي سگهن ها! ۽ چند جهڙي چهري تي داغ نہ ڪري سگهن ها!

اميرالمؤمنين عليه السلام پنهنجي هڪ خطبي ۾ فرمايو آهي:"مون ڏٺو تہ منهنجا مددگار فقط منهنجا اهل بيت آهن تنهنڪري مان انهن کي موت جي منهن ۾ ڏيڻ کان ڪيڀايو، ۽ ان تي صبر ڪيو ۽ نڙيءَ ۾ قاتل هڏي کي برداشت ڪيو، ۽ ڪاوڙ ۽ زهرجو پيالو پيتو."[1]

---

[1] نهج البلاغہ خ26ص92

عالم هستي جي پهرين مظلوم شخصيت امام علي(ع) پاڻ تي ظلمن کي ۽ ايندڙ فتنن کي بيان ڪرڻ کان پوءِ ۽ انهن کي ختم ڪندڙ جو نالو ذڪر ڪرڻ کان پوءِ فرمايو: "آه افسوس سندس کي ڏسڻ جو ڪيڏو نه شوق آهي!"

7-فرمان امام محمد باقر عليه السلام

" جيڪڏهن آءٌ ان زماني ۾ هجان ته پنهنجي جان ان جي حاڪم لاءِ بچائي!" هي ڪلام ان ذات جو آهي جيڪا ڪائنات جي علم کي پکيڙيندڙ، جاڻيندڙ ۽ مخلوق جي رازن کان واقف آهي ۽ گذشته، آئنده نسل جڻ ان جي آڏو آهن امام(ع) آئنده جاحالات بيان ڪرڻ کان پوءِ قائم جي قيام کان اڳ ٿيندڙ واقعن مان هڪ واقعي کي ذڪر ڪرڻ کان پوءِ فرمايو: "آگاه رهو ته جيڪڏهن آءٌ اهو زمانو ڏسان ها ته ان جي حاڪم لاءِ پنهنجي جان محفوظ ڪري رکندس[1]!"

آيت الله محمد جواد خراساني پنهنجي ڪتاب ۾ مذڪوره روايت جي وضاحت ۾ فرمايو آهي: امام جي مراد اهو زمانو آهي جڏهن ڪوفي جا ماڻهو پنهنجو حق وٺڻ لاءِ نڪرندا.

---

[1] غيبت نعماني ص273

8-فرمان امام محمد باقر عليه السلام

"بِاَبِي وَاُمِي الْمُسَمّىٰ بِاسمِي وَالْمُكَنّىٰ كُنيَتِي"

هن روايت کي امام محمد باقر عليه السلام جي بزرگ صحابي ابو حمزه ثمالي بيان کيو آهي ابو حمزه جو بيان آهي ته هڪ ڏينهن آءُ امام(ع) جي خدمت ۾ حاضر هئس جڏهن سيئي ماڻهو سندس بارگاهه مان هليا ويا ته مونکي فرمايائون:" ابو حمزه! الله اسان جي قائم جي قيام کي حتمي قرار ڏنو آهي، انکري جيکو منهنجي قول ۾ شڪ کري ته اهو (قيامت ۾) ڪفر جي حالت ۾ الله آڏو پيش کيو ويندو"پوءِ فرمايائون:"منهنجو پيءُ ماءُ گهور ٽئي ان نالي واري تان جنهن جو نالو منهنجو نالو آهي، جنهنجي ڪنيت منهنجي ڪنيت هوندي، اهو منهنجي اولاد مان ستون فرزند هوندو، منهنجو پيءُ قربان ان تان جيکو زمين کي ائين عدل ۽ انصاف سان پريندو جيئن ظلم ۽ ستم سان پريل هوندي، اي ابو حمزه جيکو سندس حضور ۾ حاضر ٽيو ۽ مٽس ائين ايمان آندو جيئن محمد ۽ علي تي ايمان آندو، ان لاءِ بهشت واجب آهي ۽ جنهن ائين نه ڪيو ته بهشت ان تي حرام آهي ۽ ان جو ماڳ دوزخ آهي ۽ دوزخ ظالمن لاءِ ڪيڏي نه بري جاءِ آهي!"[1]

---

[1] بحار الانوار ج51ص139

9-فرمان امام جعفر صادق عليه السلام

"لَو اَدرَكتُهُ لَخَدَمتُهُ اَيَّامَ حَيَاتِي"هي الفاظ امام (ع) ان وقت فرمايا جڏهن امام مهدي (ع) لاءِ پچيو ويو تہ جا هو جمي چڪو آهي؟ امام(ع) جواب ۾ فرمايو :"اي ڪاش! سندس دؤر ۾ هجان ها تہ پنهنجي زندگيءَ جا ڏينهن سندس خدمت ۾ گذاريان ها!"[1]

10-فرمان امام جعفر صادق عليه السلام

"آل محمد جي نور لاءِ دعا گهري آهي"عباد ابن محمد مدائني بيان ڪيو آهي: تہ امام جعفر صادق (ع) ٻيڀهري جي نماز کان پوءِ هٿ مٿي ڪري دعا گهري، مون عرض ڪيو اوهان تان گهور ٿيان ڇا اوهان پنهنجي لاءِ دعا گهري آهي؟ امام(ع) جواب ۾ فرمايو:"آل محمد جي نور ۽ سندن مهاريءَ لاءِ دعا گهري آهي جيڪو سندن دشمنن کان الله جي حڪم سان بدلو ونندو.[2]

هونئن تہ سيئي امام نور آهن ۽ سندن معرفت نوراني آهي ۽ سندن نوراني معرفت الله جي معرفت آهي، پر هن روايت ۾ امام(ع)جي قول مطابق صاحب زمان عليه السلام نورن جو نور آهي.

---

[1] غيبت نعماني ص273

[2] فلاح السائل ص170

11-فرمان امام موسیٰ کاظم علیه السلام

یحی نوفلي پٽ فضل جو بیان آهي تہ حضرت امام موسیٰ کاظم علیه السلام ٽیپهريءَ جي نماز کان پوءِ هٿ مٿي کري دعا گهري، مون عرض کیو توهان کنهنجي لاءِ عا گهري آهي؟امام (ع) جواب ۾ فرمایو: "آل محمد جي مهدي لاءِ، ان تان منهنجو پيءُ گهور ٿئي جيڪو کشاده پيٽ، ملیل پرون، سنهي پنین، موکري پٹي وارو ۽ ڪٹڪ رنگو آهي، راتین جو عبادت کرڻ سبب سندس رنگ ٽي ڦکاڻ آهي، سندس اهڙي انداز ۾ رات گذارڻ تان منهنجو پيءُ قربان جو سجدي ۽ رکوع جي حالت ۾ ستارن کي ملاحظ کري ٿو، ۽ ان شخصیت تان منهنجو پيءُ قربان جيڪو خدا جي حق جي باري ۾ ملامت کندڙ جي ملامت کان نہ ٿو گهبرائي، هو اونڌاهين ۾ ڏيئو آهي، خدا جي حڪم کي قائم کندڙ تان منهنجو پيءُ قربان.[1]

12-فرمان امام علي رضا علیه السلام

"منهنجو پيءُ قربان....."

امام (ع) هي ڪلام منتظر امام جي غیبت جي دؤر ۾ ٽیندڙ ڏکین فتنن کي بیان کرڻ کان پوءِ فرمایو آهي ۽ اهي فتنا سخت مشڪل هئڻ سبب

---

[1] بحار الانوار ج86ص81)

هوشيار ديندارن کي بہ شڪار جي جڳہ ۾ وجهي ڇڏيندا جڏهن تہ اهي دين ۽ ايمان جو اظهار ڪندڙ هوندا، ۽ انهن جي اها گمراهي منتظر امام جي دوريءَ جو سبب ٿيندي تانجو مٿس اهل آسمان ۽ اهل زمين ۽ هر آزاد فطرت انسان روئيندا.

امام کان نقل ڪيل روايت ۾غور ڪرڻ ضروري آهي :"خاموش خونخوار فتنو ايندو جنهن ۾ تمام راز ۽ ڳجهہ ڪلي پوندا ۽ اهو اهو دؤر هوندو جڏهن شيعا منهنجي چوٿين فرزند کي وڃائي ويهندا، ۽ آسمان، زمين وارا ۽ هر آزاد فطرت ۽ غمگين (سندس جدائيءَ تي) روئيندا." پوءِ امام (ع) فرمايو:منهنجو پيءُ ماءُ ان ذات تان قربان جيڪا منهنجي نانا رسول خدا جي نالي واري ۽ مون جهڙي ۽ موسيٰ ابن عمران جهڙي هوندي، سندس مٿان نور جا غلاف هوندا، ان نور جا شعاع مقدس روشني مان حاصل ٿيندا هوندا.[1]

هن روايت جهڙي روايت رسول خدا کان بہ نقل ٿيل آهي.

امام رضا عليه السلام کان هڪ روايت نقل ڪيل آهي تہ خراسان ۾ امام هڪ محفل ۾ لفظ "قائم"اچڻ تي اٿي بيٺا ۽ ٻئي هٿ مٿي ڪري دعا گهري:"خدايا! سندس پاران خوشحاليءَ ۾ جلدي فرما ۽ سندس ظهور کي آسان فرما!" ۽ پوءِ سندس حڪومت جون ڪجهہ خاصيتون ذڪر فرمايون.

---

[1] ڪمال الدين ص370

